# لبا خان درزي ۽ خليفو ڪهنگ

از:

شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ
جام شورو / حيدرآباد سنڌ
۱۴۱۴ھ/۱۹۹۳ع

| | | |
|---|---|---|
| ايڊيشن پهريون | سال ١٩٦٠ع | تعداد ٢٠٠٠ |
| ايڊيشن ٻيو | سال ١٩٦٩ع | تعداد ٢٠٠٠ |
| ايڊيشن ٽيون | سال ١٩٧٦ع | تعداد ٢٠٠٠ |
| ايڊيشن چوٿون | سال ١٩٨٢ع | تعداد ٥٠٠٠ |
| ايڊيشن پنجون | سال ١٩٩٣ع | تعداد ٥٠٠٠ |

**Sindhi Adabi Board**
**Kitab Ghar, Hyderabad**
Price 25 X 7

[redacted]

[redacted]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پريس جامشورو ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشيرالحيدري سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# باب پهريون

# لبا خان درزي ـــ خليفو ڪهنگ

## چريو درزي يا ڪوڙو شهزادو

## لَبا خان پاڻ کي شهزادو تو سمجهي!

گهڻا ورهيه ٿيا، جو "مصر" جي وڏي شهر "سڪندريه" ۾، هڪڙو درزي "لَبا خان" نالي رهندو هو. هو هڪڙي ٻئي درزيءَ جو چاڙتو هو، ۽ جدا جدا ماڻهن وٽ وڃي، سندن ڪپڙن سبڻ جو ڪم ڪندو هو.

جيتوڻيڪ "لبا خان" ڏاڍو هوشيار هو، تہ بہ سندس ڍؤل عجب جهڙو هو. هو ڪڏهن بہ سست ڏسڻ ۾ نہ ايندو هو، نڪي چٽڪي طرح ۽ بيحيائيءَ سان ڪم ڪندو هو. هوندو ڏاڍو محنتي ۽ قابل هو، پر تڏهن بہ ماڻهو پُلَ ڪري هن کي سست ۽ ٽوٽي سڏيندا هئا.

انهيءَ جو سبب اهو هو تہ اڪثر ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺو سبندو هو، ۽ سُئي اهڙي تڪڙي هلائيندو هو، جو ڏسڻ ۾ بہ نہ ايندي هئي، پر ڪڏهن ڪڏهن اهڙو پُور اچي پوندو هوس، جو ڏاڍي خيال ۾ اڪيون هڪ هنڌ ڄمائي ويٺو هوندو هو. انهيءَ مهل سندس اُستاد يا ٻيو جيڪو ماڻهو ڏسندو هوس، سو چوندو هو تہ هينئر "لبا خان" ڏاڍن پُورن ۾ آهي.

"لبا خان" جمعي جي ڏينهن مسجد ۾ نماز پڙهڻ ويندو هو. ٻيا ماڻهو نماز پڙهي گهر موٽندا هئا، پر "لبا خان" عمدو ڪوٽ ڍڪي، ڏاڍي آڪڙ سان، آهستي شهر جون گهٽيون پيو گهمندو هو. جي ڪو سنگتي يا واقف ملندو هوس، ۽ حال احوال پڇندو هوس ته رڳو هٿ سان سلام ڪري، مغروريءَ منجهان هليو ويندو هو، ۽ ٻيهي انهيءَ سان ٻه ـ ٽي اکر به نه ڳالهائيندو هو. جي سندس اُستاد ملندو هوس ته اُهو چوندو هوس "ته "لبا خان" تون شهزادو ٿي پيو آهين!" تڏهن هو ڏاڍي خوشيءَ مان جواب ڏيندو هو ته "اوهان ڪي به خبر پئجي سگهي ٿي؟ آئون پاڻ ائين سمجهندو هوس."

اهو درزي ڏينهن جا ڏينهن اهڙيءَ طرح پيو هلندو هو. جي چڱو ۽ هوشيار ڪاريگر نه هجي ها، ته جيڪر سندس اُستاد، ضرور پنهنجي دڪان تان ڪڍي ڇڏيس ها.

هڪڙي ڏينهن "مصر" جي سلطان جي ڀاءُ "سليم"، شهر ۾ اچي منزل ڪئي، ۽ هڪڙو عمدو چوغو "لبا خان" جي اُستاد ڏي مرمت لاءِ موڪلي ڏنائين: ڏکيو ڏکيو ڪم اُستاد اڪثر "لبا خان" کي ڏيندو هو. تنهن ڪري چوغو به انهيءَ کي مرمت لاءِ ڏنو.

انهيءَ ڏينهن شام جو، جڏهن سندس اُستاد ۽ ٻيا دڪان وارا گهر هليا ويا، تڏهن "لبا خان" کي دل ۾ ڪو خيال آيو، سو موٽي دڪان تي آيو، ۽ اهو چوغو ڪڍي، مٿس جيڪو عمدو ڪم ٿيل هو، ۽ رنگ رنگ جا ريشمي پٽا ۽ گل ڏسي، انهن جي تعريف ڪري ٻت تي ڍڪڻ لڳو. اهو چوغو اهڙو پورو ٺهڪي آيس جو

چڻ تہ سندس لاءِ ٺاهيو ويو هو.

اهو ڏڪي "لبا خان" جاءِ ۾ هلڻ ۽ پاڻ کي ڏسڻ لڳو. چوڻ لڳو تہ "چو، آئون شهزادي جهڙو ناهيان ڇا؟" ۽ آرسيءَ ۾ پنهنجو منهن ڏسي چوڻ لڳو تہ اُستاد سچ تي چيو تہ آئون شهزادي جهڙو پيو ڏسجان. انهيءَ بابت ايترو گهڻو خيال ڪيائين، جو سچ پچ وسهڻ لڳو تہ آئون شهزادو آهيان ۽ ڪنهن بادشاهہ جو پٽ آهيان، جنهن جي مون کي خبر ڪانہ تي پوي.

اهو خيال هن جي مغز ۾ اهڙو ويهي ويو، جو پيون سڀ ڳالهيون وسري ويس. دل ۾ پڪو ارادو ڪيائين تہ هي شهر ڇڏي نڪري ملڪ گهمڻ وڃان. چيائين تہ هتي منهنجو قدر ڪوبہ ڪونهي. ماڻهو اهڙا بيعقل آهن، جو مون کي درزي ٿا ڄاڻن. ايترو نٿا سمجهن، تہ آئون سچ پچ شهزادو آهيان.

هن ائين ڄاتو تہ هي چوغو ڪنهن ملائڪ يا ڪنهن پريءَ مون کي آڻي ڏنو آهي، ۽ اهو منهنجي حفاظت، سنڀال ۽ هدايت لاءِ خدا موڪليو آهي، تنهن ڪري مون کي انهيءَ جو پورو فائدو وٺڻ گهرجي. هڪدم جيڪي پئسا وٽس هئا، سي گڏ ڪري تيار ٿي، نڪري شهر جي گهٽين ۾ پيو. رات اونداهي هئي تنهن ڪري ڪنهن ڏٺس ڪين، شهر جي هڪڙي در مان لنگهي ٻاهر ٿيو.

# باب پيو

## لَبا خان عُمَر جي ڳالھ ٻڌي تو

جتي جتي اسان جو شهزادو پئي ويو، اُتي ماڻھو ڪيس ڏسي حيران ٿي ويا. هن جي شاهاڻي شڪل، شاهاڻي پوشاڪ ۽ شاهاڻو عالي دماغ ڏسي ماڻهن عجب پئي ڪاڏو. هي وڏي تجمل سان وهت تي چڙهي چو نڪتو هلي، چو پنڌ پيو ڪري؟ جيڪو انهيءَ بابت پڇندو هوس، تنهن کي مغروريءَ مان جواب ڏيندو هو ته انهيءَ جي لاءِ مون کي ڪي خاص سبب آهن. پر ماڻهن کي ڪلندو ۽ ٺٺوليون ڪندو ڏسي، هن پڪو نهراءُ ڪيو ته ڪو گهوڙو وٺان.

اُن موجب تورا پئسا خرچي هڪڙو ڪراڙو گهوڙو ورتائين، جو سندس ڊؤل جو هو. اهڙو ماٺيڻو ۽ ڍرو هو، جو ڪيس ڪا به تڪليف نٿي آئي، ۽ نه اُن جي هلائڻ ۾ ڪا هشياري يا چابڪ سواري درڪار هئي. انهيءَ جو نالو "مَروهَ" رکيائين.

هڪڙي ڏينهن، پنهنجي گهوڙي تي چڙهيو، آهستي آهستي لڏندو پئي ويو ته پيو هڪڙو گهوڙيسوار وٽس آيو، ۽ چيائينس ته "مون سان گڏيا هلندؤ ته ڳالهيون ڪندا هلون." اهو نئون سوار خوبصورت ۽ فضيلت وارو جوان هو. پيئي هڪٻئي سان ڳالهائيندا هليا. "لبا خان" کي گفتگو ڪرڻ سان معلوم ٿيو ته هو به ڪنهنِ خاص ارادي کان سواءِ سفر تي نڪتو هو.

هن چيو تہ "منهنجو نالو عُمَر آهي، ۽ منهنجو چاچو "الفِي بي" "مصر" جي گادي جي هنڌ "القاهره" جو پاشا يا حاڪم هو. ان مرڻ مهل مون کي ڪو حڪم ڏنو هو، انهيءَ جي آئون ڪوشش ڪري تعميل پيو ڪريان. "لبا خان" پنهنجي گهٽي ڳالهہ عمر کي کانہ ٻڌائي، رڳو ايترو ٻڌايائينس، جنهن مان هن سمجهيو تہ هي شهزادو آهي، ۽ دل وندرائڻ لاءِ سفر تي نڪتو آهي.

هي ٻيئي هڪٻئي جي صحبت ۾ ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ گڏ مسافري ڪندا رهيا. ڳالهين ڪندي "لبا خان" "عمر" کان پڇيو تہ "تنهنجي چاچي توکي ڪهڙو حڪم ڏنو هو، جنهن جي توکي تعميل ڪرڻي آهي؟" هن هيٺين ڳالهہ ڪري ٻڌايس، جا ٻڌي هو حيران ٿي ويو.

"عمر" چيس تہ "آئون ننڍي هوندي کان پنهنجي چاچي "الفي بي" سان رهندو ايندو هوس، ۽ هن کي پنهنجو پيءُ ڪري سمجهندو هوس. پنهنجي پيءُ ماءُ جي مون کي ڪابہ يادگيري ڪانہ آهي. چاچي تي سندس دشمن تي پيرا ڪاهہ ڪئي هئي. پونئين لڙائيءَ ۾ هن کي ڏاڍا زخم رسيا. جڏهن هن پاڻ کي قريب المرگ سمجهيو، تڏهن مون کي سڏي چيائين، تہ "تون منهنجو ڀائٽيو ناهين، پر هڪڙي وڏي بادشاهہ جو پٽ آهين. تنهنجي پيءُ کي ڪن ڏاهن عالمن چاڻ ڪيو تہ اتي رهڻ ڪري تنهنجي جان کي جوکو آهي، تنهنڪري هن توکي ٻاهر موڪليو، ۽ پڪو انجام ڪيائين تہ ايڪيهن ورهين کان اڳي وري توکي نہ ڏسندو."

"الفي بي" پٽس جو نالو نہ ٻڌايو، مگر چيائينس تہ "ڏسندو

مهينو رمضان آهي. انهيءَ جي نائين تاريخ تون ايڪيهن ورهين جو ٿيندين. انهيءَ ڏينهن تون فلاڻي ٺلهہ وٽ ويندين" جو "سڪندريہ" شهر جي ايرندي ڏي، چٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. اتي انهيءَ ڏينهن ماڻهو تيار بيٺا هوندا. آئون توکي هڪڙو خنجر ڏيندس، جو تنهنجي پيءُ مون کي ڏنو هو. اهو هنن کي ڏيکاريندين، ۽ چوندين تہ آئون اهو آهيان جنهن کي اوهين ڳوليو ٿا"، ۽ هو چوندا تہ "خدا جو شڪرانو آهي، جنهن توکي بچايو آهي." پوءِ تون هنن سان گڏجي ويندين، ۽ هو توکي پنهنجي پيءُ وٽ وٺي ويندا."

●

# باب ٽيون

## عمر کي ڪيئن ٺڳي تو

"لبا خان" ڏاڍي خيال سان اها ڳالهہ ٻڌي، ۽ انهيءَ وقت کان وٺي "عمر" جو حاسد ٿيڻ لڳو. هن کي انهيءَ ڳالهہ تي ساڙو ٿيو تہ "چو عمر نہ رڳو هڪڙي حاڪم جو پائنيو هجي، پر هڪڙي بادشاهہ جو پٽ هجي، ۽ آئون جو شهزادي جهڙو ٿو ڏسجان، سو هڪڙو درزي هجان، ۽ پورهيو ڪري گذران پيو ڪريان!"

پاڻ کي "عمر" سان مقابلي ڪرڻ مان هن ڏٺو تہ "عمر"، جهڙو شڪل شباهت ۾ تهڙو هلت چلت ۾ شريف ۽ خانداني ماڻهو تي ڏٺو. هڪدم ٿِي تي سڳهيو تہ هو رواجي ڪاسبي ماڻهو نہ هو. انهيءَ هوندي بہ "لبا خان" سمجهيو تہ منهنجي شڪل شباهت بہ

شهزادن جهڙي آهي، تنهن ڪري هن جو پيءُ مون کي ڏسي، پنهنجو پٽ "عمر" ڄاڻندو.

اهو سارو ڏينهن هن اهو پهه پئي پچايو، ۽ رات جو به انهيءَ ڪاڻ ننڊ نه آيس. فجر جو جڏهن اٿيو، تڏهن "عمر" اڃا مٿيءَ ننڊ ۾ ستو پيو هو، ۽ شايد پنهنجي آئيندي جي چڱي نصيب جا خواب پئي لڏائين. "لبا خان" جي دل ۾ هي شيطاني خيال اچڻ لڳو ته هن کي سُتي پئي ماري، انهيءَ ٿلهه وٽ وڃان، ۽ چوان ته "آئون انهيءَ بادشاهه جو پٽ آهيان."

جيڪو خنجر نشاني ڪري ڏيکارڻو هو، سو "عمر" جي ڪمر ۾ لڳو پيو هو. "لبا خان" اهو آهستي کسڪائي ورتو، ۽ ذري گهٽ انهيءَ سان هن کي مارڻ تي هو، ته وري هي خيال آيس ته چو اهڙو گناهه جهڙو ڪم ڪريان؟ ڪا ٻي تجويز چو نه ڪريان، جنهنڪري منهنجو به مطلب ٿئي، ۽ هي به نه مري.

اهو خنجر ڪڍي پنهنجي ڪمر ۾ ٻڌائين، ۽ "عمر" جي عمدي گهوڙي تي سنج ڪري چڙهي اتي هليو. شهزادي "عمر" جڏهن اک پٽي، تڏهن "لبا خان" نظر نه آيس. انهيءَ وچ ۾، هُو گهٽائي ميل ڪري ويو.

اهو ڏينهن رمضان مهيني جي پهرين تاريخ هو؛ تنهنڪري "لبا خان" کي اڃا تي ڏينهن پنڌ ڪرڻو هو. پڪ هيس ته تکي هلڻ جي ڪري ٻن ڏينهن ۾ اتي وڃي پهچندس. پر اهو به ڊپ هوس ته متان "عمر" پنيان اچي پهچي، ۽ رولو وجهي ڏئي.

ٻئي ڏينهن شام ڌاري "لبا خان" پري کان ٿُلهه ڏٺو. اهو هڪڙي

وڏي ميدان جي وچ ۾، هڪڙي ٽڪريءَ تي بيٺل هو، ۽ پري کان ڏسڻ ۾ پئي آيو. اهو ڏسي "لبا خان" جي دل تپ ڏيڻ لڳي. اگرچ اهو به خطرو هوس ته جي ٿلهي ظاهر ٿي ته سندس الائجي ڪهڙو حال ٿيندو. پر هن کي جو اهو خيال دل تي ويٺل هو، ته آئون به شهزادو آهيان، تنهنڪري هن همت نه هاري، ۽ پٺتي نه موٽيو.

ٿلهه جي آسپاس ويرانو لڳو پيو هو. پاڻ سان تورو ڪاڌو هوس، نه ته جيڪر بک مري ها. ڪي ڪجهيءَ جا وڻ به اتي هئا. اتي گهوڙي کي چڏي ڏنائين ته چري، ۽ پاڻ چانوَ ۾ ويهي ماني کائڻ لڳو، ته پوءِ تازو توانو ٿي پنهنجو ارادو پورو ڪري.

●

# باب چوٿون

## ٿلهه وٽ

ٻئي ڏينهن ٻنپهرن ڌاري، هن کي گهوڙا ۽ اُٺ پري کان ڏٺا، جي انهيءَ ٿلهه ڏانهن پئي ويا. اهي ٿلهه واري ٽڪريءَ جي پاڙ وٽ اچي بيهي رهيا، ۽ ماڻهو لهي تنبو هڻڻ لڳا. معلوم ٿي ٿيو ته ڪو حاڪماڻو عملو آهي، ۽ ڪنهن جي لاءِ منتظر ٿيو بيٺو آهي. هو جيڪر انهيءَ مهل ڪاهي وڃي ها، پر هن خيال ڪيو ته مقرر ڪيل ڏينهن سڀاڻي آهي، تنهن ڪري ترسي پيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير اٿي، سنبت ڪرڻ لڳو، ۽ دل ۾ ڏاڍو خوش هو. گهوڙي تي زين وجهندي هن کي ياد آيو ته مون "عمر"

شھزادي سان ٺڳي ڪئي آھي، ۽ جڏھن ھو جاڳيو ھوندو تڏھن ڏاڍو پريشان ٿيو ھوندو. پر "لبا خان" کو ھاڻ موٽڻ وارو بہ ھو؟ دل ۾ چيائين تہ "آئون شھزادي جھڙو پيو ڏسجان، ۽ چڱي نصيب اچي منھن ڪڍيو آھي.

جھٽ ۾ گھوڙي تي چڙھي تکو روانو ٿيو، ۽ پاءُ ڪلاڪ ۾ وڃي ٽڪريءَ جي پاڙ وٽ پھتو، ۽ لھي گھوڙو ھڪڙي وڻ سان ٻڌي، انھن ماڻھن کي ويجھو ويو. پوءِ اھو خنجر ڪمر مان ڪڍي، ٺلھ ڏي وڌيو. ڏسي تہ ڇھ ماڻھو ھڪڙي پيرمرد جي چوڌاري بيٺا آھن، ۽ انھيءَ کي ھڪڙو عمدو زريءَ جو چوغو پيل آھي، ۽ قيمتي اُچي شال ڪلھن تي اٿس. مٿي تي وڏي ريشمي ڪپڙي جي پڳ ھيس، جنھن ۾ ھيرن ۽ ٻين جواھرن جون ڪلنگيون لڳل ھيون.

"لبا خان" سڌو انھيءَ پيرمرد وٽ ويو ۽ ڪنڌ جھڪائي سلام ڪري خنجر ڪڍي ڏنائينس، ۽ چيائينس تہ "آئون اھو آھيان، جنھن کي اوھين ڳوليو ٿا." پيرمرد چيو تہ "خدا جو شڪرانو آھي، جنھن توکي بچايو آھي. پيارا پٽ "عمر" اچي! مون کي ڀاڪر پاءِ!" ھي ٻڌي درزي شرمندو بہ ٿيو، خوش بہ ٿيو. شرم ۽ خوشيءَ جا ڳوڙھا اکين ۾ آڻي ڊوڙي وڃي ٻڍي بادشاھ کي گڏيو.

پر ھن جي اھا خوشي گھڻي ٿائين نہ ھلي. ڀاڪر پائي نڪري بيٺو. پري ڪان ھڪڙو ماڻھو گھوڙي تي ڪاھي ايندو ڏٺائين. گھوڙو خراب ھو. سو ھو اٽڪندو ٿاٻا ڪائيندو آيو، ۽ سوار انھيءَ کي اڙيون ھڻندو ۽ ھڪائيندو آيو. "لبا خان" ھڪدم سڃي ڪيو تہ

اهو سوار "عمر" آهي، ۽ اهو گهوڙو سندس "مروه" آهي. هن پڪو ارادو ڪيو ته پنهنجي ڪوڙ کي سچو ڪندس، پوءِ جيڪي ٿئي، سو پلي ٿئي.

●

# باب پنجون

## سلطان جي محلات ڏي ٽا وچن

"عمر" پري کان ئي ماڻهن کي اشارا پئي ڏنا. پر جڏهن مَري جُهري ٿلهه وٽ آيو، تڏهن ماڻهن کي چوڻ لڳو ته "متان هن ٺڳ بدمعاش تي ويساهه ڪيو اٿوَ. "عمر" آئون آهيان، هي نه آهي."

پيرمرد بادشاهه توڙي سندس ماڻهو سڀ حيران ٿي ويا. "لبا خان" ڏاڍي آرام سان بادشاهه کي چيو ته "قبلا، هن جي ڳالهه تي متان لڳو. هي "سڪندريه" شهر جو هڪڙو درزي آهي ۽ هن جو نالو "لبا خان" آهي. هي موچڙن جو لائق آهي، نه انعام اڪرام جو."

"عمر" ڪاوڙ مان وجي "لبا خان" کي ڳچيءَ مان ورتو، پر ماڻهن وچ ۾ پئي هنن کي ڌار ڪيو ۽ بادشاهه "لبا خان" کي چيو ته "ابا، تون سچ ٿو چوين، هي ڪو ديوانو آهي. اڙي، هن کي ٻڌي اُٺ تي ويهاري وٺي هلو، ته اتي هلي هن جو ڪو علاج ڪريون. شايد سنئون ٿئي."

توري کان پوءِ "عمر" جي ڪاوڙ ڍري ٿي، ۽ پوءِ اڪين ۾ پاٽي

آٽي، پڍي بادشاهه کي چيائين تہ "سائين، منهنجي دل شاهدي ٿي ڏي تہ اوهين منهنجا پيءُ آهيو. پنهنجي ماءُ جي يادگيري ڏياري آئون عرض ٿو ڪريان تہ مهرباني ڪري منهنجي ڳالهه ٻڌو." پر بادشاهه چيو تہ "اڇهو، هي ڇريو وري بڪ ڪرڻ لڳو آهي. ڪهڙا نہ واهياتي خيال مغز ۾ ويٺا اٿس."

پوءِ هو "لبا خان" کي پاڻ سان وٺي اتي آيو، جتي خوبصورت تازي گهوڙا ٻڌل هئا. ٻن تي چڙهي اڳي ٿيا ۽ ٻيا پٺيان لڳن. ويچاري ڪم نصيب "عمر" کي هٿ پير ٻڌي ڪٽي هڪڙي اُٺ تي قابو ڪيائون، ۽ ٻہ سوار سندس سنڀال لاءِ ساڻس ٿيا.

اهو پيرمرد بادشاهه سچو پچو انهيءَ ملڪ جو سلطان هو. "عمر" جي ڄمڻ کان اڳي اولاد ڪونہ ٿيندو هوس. جڏهن "عمر" ڄائو، تڏهن انهيءَ وقت جي دستور موجب، نجومين ۽ عالمن کان هن جو نصيب پڇيائين، جن چيس تہ "ايڪيهن ورهين تائين هن کي پنهنجي درجي ۽ حق کسجڻ جو ڊپ آهي."

انهيءَ ڪري سلطان اڳ ڳڻتي ڪري، هن کي پنهنجي هڪڙي ايماندار دوست ۽ امير "الفي بي" جي حوالي ڪيو، انهيءَ لاءِ تہ وٽس وڃي رهي، جيسين ڪ ايڪيهن ورهين جو ٿئي. اها ساري ڳالهه، انهيءَ مهل سلطان "لبا خان" کي ڪري ٻڌائي، ۽ پوءِ چوڻ لڳس تہ "ابا، هاڻ توکي صحيح سلامت ۽ خوش چڱو ڀلو ڏسي، آئون ڏاڍو سرهو ٿيو آهيان."

جڏهن اُهي پنهنجي ملڪ ۾ پهتا، تڏهن شهر جا سڀ ماڻهو هنن کي گڏجڻ لاءِ نڪري آيا. نئين شهزادي جي اچڻ جي خبر

ساري ملڪ ۾ پکڙجي ويئي هئي. شهر جي گهٽين ۾، ماڻهن ٽِڪلن جون ڪمانون ۽ سايون تاريون هيون، ۽ گهرن جي اڳيان خوبصورت پردا ڪٽجي ٽنگيا. سڀني ماڻهن خدا جا شڪرانا ڪيا، جنهن سندن جوان شهزادي کي صحيح سلامت وٽن آندو.

مغرور درزي هيتري مرحبا ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ ويچارو "عمر" اهي سڀ رنگ ڏسي سڙي ويو. هو اجا به رسن سان ٻڌو پيو هو، ۽ ڪابه خوشيءَ جي اُميد ڪانه هيس. ڪنهن به ماڻهوءَ هن ڪان ڪي ڪين پڇيو، ۽ حقيقت ڪري هي سڀ خوشيون سندس لاءِ ئي رٿيل هيون.

ماڻهن شهزادي "عمر" جو نالو ورتو، رڙيون ڪري، خوشيءَ جا نعرا هڻي هنيا، ۽ جنهن جو نالو سچ پچ "عمر" هو، تنهن ڏي ڪنهن نهاريو به نتي. ڪڏهن ڪڏهن سو ڪنهن ماڻهوءَ پڇيو ٿي ته "هي جو رسن سان قابو پيو آهي، سو ڪير آهي؟" پهري وارن سوارن انهن کي چيو ٿي ته "هي هڪڙو چريو درزي آهي." اهو جواب ٻڌي "عمر" کي ڪاوڙ کان باهه وٺيو ٿي ويئي.

●

# باب ڇهون

## محلات ۾

انن ڪلاڪن جي پنڌ کان پوءِ، هو سلطان جي تخت ـ شهر ۾ پهتا. اُتي زياده شوق مان هنن جي مرحبا ٿي. محلات جي

مکيہ صفي ۾ راڻي منتظر ويٺي هئي. عمدا غاليچا ۽ ٻيا فرش وڇايا پيا هئا، ۽ پتين تي رنگ رنگ جا قيمتي ڪپڙا، سونن ڪڙن ۽ زريءَ جي رسن سان پئي لٽڪيا.

اڃا سج برابر نہ لٿو هو، جو سلطان پنهنجي عملي سميت وڃي پهتو، تہ بہ محلات ۾ ايتريون بتيون ۽ شمعدان ٻري ويا هئا، جو ڏينهن ٿي ويو هو. صفحي جي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾، سون ۽ جواهر سان جڙيل تخت رکيو هو. انهيءَ جي مٿان ريشمي ڪپڙي جو ننڍڙو شاميانو، چار زالون جهليو بيٺيون هيون، ۽ هڪڙيءَ زال مور جي کنڀن جو پکو پئي راڻيءَ کي هنيو.

انهيءَ صورت ۾ هوءَ بادشاهہ ۽ پٽ جي لاءِ منتظر ويٺي هئي، جنهن پٽ کي هن ايڪيهن ورهين کان وٺي ڪين ڏٺو هو. رڳو خواب ۾ سو پيئي ڏسندي هيس، ۽ اميد رکندي هئي تہ جڏهن ڏسنديسانس، تڏهن هڪدم سڃاڻنديسانس. سگهو ئي ماڻهن جون خوشيءَ جون رڙيون، ۽ دهل نغارا ۽ گهوڙن جي ٽاپڙ ٽاپڙ ٻڌائين. صفحي جا در کلي ويا، ۽ پردا کڄي ويا، ۽ سلطان خوشيءَ مان اندر اچي، پنهنجي پٽ جي ٻانهن وٺي چاڙهي راڻيءَ کي ڏني.

چوڻ لڳس تہ اڄهو اهو آهي تنهنجو پيارو پٽ، جنهن لاءِ تون هيترا ورهيہ سڪ ۾ منتظر ويٺي هئينءَ." راڻيءَ هن کي ڏسي هڪدم چيو تہ "هي تہ منهنجو پٽ ناهي. هيءُ اهو منهن ناهي، جو مون هيترا ڀيرا خواب ۾ پئي ڏٺو آهي."

اڃا سلطان راڻيءَ کي سمجهائڻ لاءِ چپ ئي نہ چوريا هئا تہ

"عمر"، جو زور لائي سپاهين کان پاڻ ڇڏائي پڳو هو، سو ڊوڙندو اندر لنگهي آيو ۽ پاڻ کي تخت تي اڇلائي، دانهن ڪري چوڻ لڳو ته "بابا سائين، آئون مري ويندس، پر هٿڙيون جنيون نه سهندس."

هي لفظ ٻڌي سيڪو حيران ٿي ويو. سپاهي جن کان "عمر" ڀڄي آيو هو، سي هن جي پڪڙڻ لاءِ ڪاهي ٿي آيا ته راڻيءَ هنن کي منع ڪئي، ۽ چوڻ لڳي ته "منهنجو سچو پچو پٽ هي آهي؛ ۽ نه ڪو ٻيو. جيتوڻيڪ مون هن کي اڳي نه ڏٺو آهي تڏهن به هن جو منهن مون خواب ۾ پئي ڏٺو آهي، ۽ منهنجي دل به اها شاهدي ڏئي ٿي."

سپاهي ته پري ٿي بيهي رهيا، پر سلطان ڏاڍو ڪاوڙيو، ۽ هنن کي حڪم ڏنائين ته "هڪدم هن چريي کي پڪڙيو ۽ ٻڌو. آئون بادشاهه آهيان، ۽ ملڪ جو مالڪ آهيان. پنهنجي مرضي ۽ عقل تي هلندس، زالن جي خوابن تي ڪين هلندس. منهنجو پٽ هو آهي، جنهن "الفي بي" وٽان خنجر نشاني ڪري آندو آهي." اتي "عمر" رڙ ڪري چيس ته "سائين، هن اهو سُتي پئي مون وٽان چورايو آهي ۽ مون هن کي اها ساري ڳالهه ٻڌائي هئي. هاڻ هي بنجي اوهان جو پٽ ٿيو آهي."

پر سلطان "عمر" جي ڳالهه ڏي ڪوبه ڌيان ڪونه ڏنو. هو شوخ ۽ قائم مزاج ماڻهو هو، ۽ ٻئي جي مرضيءَ تي نه هلندو هو. ويچاري "عمر" کي زور زبردستيءَ سان گهلائي ٻاهر ڪڍايائين، ۽ پاڻ "لبا خان" کي ساڻ وٺي، پنهنجي جاءِ ڏي هليو ويو. ۽ جنهن

راڻيءَ سان پنجويهن ورهين کان خوش گذاريندو آيو هو، تنهن کان هاڻ منهن مٽي ڪاوڙجي هليو ويو.

انهيءَ ڪري راڻي ڏاڍي رنج ٿي. پڪ ٿيس ته "لبا خان" ٺڳ ۽ بدمعاش آهي ۽ "عمر" جي خاطري هيس ته اهو منهنجو سچو پٽ آهي. پر بادشاهه جي مرضيءَ جي خلاف ڇا ڪري ٿي سگهي. ٿوري وقت کان پوءِ، جڏهن سندس ڏک جهڪو ٿيو، تڏهن بادشاهه کي سندس چُڪ ڏيکارڻ جي هڪڙي تجويز دل ۾ آيس. اها خبر هيس ته جڏهن "لبا خان" خنجر نشاني ڪري آندو آهي، تڏهن ئي ڳالهه ثابت ڪرڻ مشڪل ٿيندي.

هن انهن ماڻهن کي گهرايو، جي سلطان سان گڏجي ٺُلهه ڏي ويا هئا، ۽ انهن کان پڇيائين ته اتي ڇا ڇا ٿي گذريو هو؟ جڏهن هنن سڀ ڳالهه ذري پرزي ٻڌايس، تڏهن گهڻيون رٿون دل ۾ رٿيائين، پر ڪابه ڪمائتي ڏسڻ ۾ نه پئي آيس. آخر هڪڙي ٻڍي نوڪر راڻيءَ کي چيو ته "انهيءَ ڪوڙي شهزادي، "عمر" کي چيو ٿي ته هي ڇريو درزي آهي ۽ هن جو نالو "لبا خان" آهي."

انهيءَ ٻڍي، راڻيءَ کي صلاح ڏني، ته "ياڻنجي ٿو ته اهو ڪوڙو شهزادو شايد پاڻ درزي آهي، ۽ نالو به "لبا خان" اٿس، ۽ انهيءَ ڪري "عمر" جي نالي ائين چيو اٿس." پوءِ راڻيءَ کي ڪي ڪن ۾ چيائين جو ٻڌي راڻي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ چوڻ لڳي ته "ابهيءَ مان مڙئي مطلب حاصل ٿيندو. ائين ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديس."

●★●

# باب ستون

## لبا خان پاڻ کي ظاهر ڪري وجهي ٿو

راڻي ڏاڍي هوشيار زال هئي، ۽ سمجهيس ٿي ته ڪيئن سلطان کي پنهنجي ڳالهه تي آڻي. پهريائين سلطان وٽ وئي، جيڪي اڳي چيو هئائينس، تنهن جي معافي گهريائينس، ۽ پوءِ چيائينس ته "آئون اڳتي "لبا خان" کي پنهنجو پٽ ڪري سمجهنديس، مگر هڪڙي شرط تي؟" سلطان کيس معافي ڏني، ۽ ارمان ظاهر ڪيائين ۽ چيائينس ته "جيڪي تون چوندينءَ، سو آئون قبول ڪندس."

راڻيءَ چيو ته "منهنجي مرضي آهي ته ڏسان ته انهن ٻنهي مان ڪهڙو بهتر آهي. بهتر مان منهنجو مطلب زياده پهلوان يا شهسوار ناهي، ڇا لاءِ جو اهي رواجي ڳالهيون آهن. آئون هن کي هڪڙو هنرمندي جهڙو ڪم ڪرڻ لاءِ چونديسانِ ته هرڪو هڪڙو ڪوٽ ۽ هڪڙي سُٿڻ سبي ڏئي، پوءِ ڏسنديس ته ڪير ٿو بهتر ڪپڙا سبي."

سلطان پهرين ته ڪِليو، پوءِ چيائين ته "آئون ائين ڪرڻ نه ڏيندس." پر راڻيءَ چيس ته "اوهان پهرين انجام ڪيو آهي ته جيڪي آئون چونديس، سو اوهين قبول ڪندؤ."

تڏهن مس مس سلطان منظوري ڏني، پر ايترو چيائين ته "ڀلي جي هن ڇريي درزيءَ ڪٽي ڇڱا ڪپڙا سبيا، ته به آئون هُن کي پنهنجو پٽ ڪري نه سمجهندس.

سلطان "لبا خان" کي راڻيءَ جي رت پڌائي، جو دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳو. چا لاءِ جو پَڪ هيس ته پاڻ بهتر ڪپڙا سبندو ۽ اهڙي آسان رستي سان راڻي مٿس راضي ٿيندي، ۽ ڪيس پٽ ڪري مڃيندي. ان موجب ۾ جايون مقرر ڪيون ويون: هڪڙي "لبا خان" لاءِ ۽ ٻي عمر لاءِ. هرهڪ کي پَٽ جي ڪپڙي جو ٽُڪر ۽ قئنچي ۽ سئي ڌاڳو ڏيئي ويا. سلطان کي ته اهو سارو چرچو نظر ٿي آيو، پر راڻيءَ کي ان جو گهڻو خيال ۽ انتظار ٿي ڏنو. انهيءَ ڪم لاءِ ٻه ڏينهن ڏنا ويا.

ٽئين ڏينهن سلطان ۽ راڻي گڏجي ويٺا، ۽ ٻنهي کي چوايائون ته پنهنجا سبيل ڪپڙا ڪٺي اچن. "لبا خان" ڏاڍي فخر ۽ خوشيءَ سان سبيل ڪپڙا ڪٺي آيو اهي تمام عمدا سبيل هئا، ۽ راڻي اهي ڏسي حيران ٿي ويئي. هو راڻيءَ کي چوڻ ته "امان ، ڏس ته مون کهڙا نه چگا ڪپڙا سبيا آهن! ڏسان ته کهڙو هشيار درزي تو اهڙا سبي." اهو ٻڌي راڻي مُرڪڻ لڳي.

"عمر" جو آيو، سو اهو ڪپڙو ۽ قئنچي، ۽ سُئي ڌاڳو ائين ئي کٺي آيو، ۽ آڻي هنن جي اڳيان فرش تي اڇلايائين، ۽ ڪاوڙ مان چوڻ لڳو ته "مون کي ننڍي هوندي کان گهوڙي هلائڻ ۽ ترار مارڻ جو هنر سيکاريو اٿن، نه ڪپڙا سبڻ جو. "القاهره" جي حاڪم، "الفي بي" جي ياٺتيي کي، ڀلا ڪيئن اهڙو خسيس هنر سيکاريو هونداڻون؟"

تڏهن راڻيءَ شوق مان چيو، "تون برابر منهنجو ۽ سلطان جو پٽ آهين"، ۽ سلطان ڏي مُنهن ڪري چيائين، ته "سائين، مون

ڪي معاف ڪجو، جو مون اوهان سان ٺڳي ڪئي آهي. هاڻ اوهين پاڻ ئي انصاف ڪريو، ته سچو شهزادو ڪير آهي، ۽ درزي ڪير آهي. اوهين پنهنجي پٽ کان پڇو، ته اهو درزڪو هُنر هن ڪــي ڪنهن سيکاريو آهي؟"

سلطان ماٺ ڪري ويچار ۾ اچي ويو. هن راڻيءَ ۽ هنن ٻنهي ڄڻن جي مُنهن ڏي پئي نهاريو. ڏٺائين ته "لبا خان" شرمندو ٿي ڪنڌ هيٺ ڪري بيٺو، جنهن مان سهي ڪيائين ته هو ڪوڙو آهي. نيٺ چوڻ لڳو ته "اها پوري ثابتي ناهي. مون کي اجا به هيو هڪڙو رستو سُجهي ٿو، جنهن سان مون کي سچ ۽ ڪوڙ جي خبر پئجي سگهندي."

هن حڪم ڏنو ته "هڪڙو تمام تِکو گهوڙو سنبرائي وٺي اچن." جڏهن اهو آيو، تڏهن سلطان انهيءَ تي چڙهي شهر جي نزديڪيءَ ۾ هڪڙو وڏو ٻيلو هو، تنهن ۾ ويو. اتي هڪڙي ڏاهي پَري رهندي هئي، جا ايامن کان انهيءَ ملڪ جي بادشاهن کي مشڪلات جي وقت صلاح مصلحت ڏيندي هئي. ان جي مدد وٺڻ لاءِ سلطان انهيءَ پاسي ويو.

ٻيلي جي وچ ڌاري هڪڙو وڏن وڻن جو گهاٽ هو. اتي اها پري رهندي هئي. اتي وڃي سلطان لهي گهوڙو ٻڌو ۽ وِچ تي بيهي وڏي سڏ چوڻ لڳو، ته "اي مهربان پَري، جي اها ڳالهه سچي آهي ته تون هميشه منهنجن وڏن کي مشڪلات جي وقت مدد ڪندي آئي آهين، ته هينئر مهرباني ڪري، هن مشڪل وقت ۾ مون کي اچي مدد ڪر."

اڃا هن ايترو چئي بس ڪيو، ته پَري اڇي پوشاڪ ۾ اڇي اڳيان بيٺس. سندس مُنهن ڍڪيل هو. مٺي آواز سان چوڻ لڳي ته "مون کي خبر آهي ته تون ڇو آيو آهين. تنهنجي نيت سچي آهي، تنهنڪري آءٌ توکي مدد ڪنديس. هي ٻه صندوقڙيون ڪٺي وٺ. اهي ٻه ڄڻا جي چون تا ته تنهنجا پٽ آهيون، تن کي چؤ ته هرڪو هنن مان چونڊي هڪڙي صندوقڙي کڻي، جيڪو تنهنجو پُٽ هوندو، اهو پنهنجي سڃاڻي ڪڍندو." ائين چئي، هن اهي ٻيئي سهڻيون عاج جون جڙاءُ دار صندوقڙيون سلطان کي ڏنيون.

سلطان اهي پاڻ سان کڻي موٽيو. دل ۾ ويچار ڪيائين ته الائجي هنن ۾ ڇا آهي. متا هنيائين، پر اهي کُلي نه سگهيون. ٻنهي جي وچ ۾ تفاوت رڳو اهو هو ته هڪڙيءَ جي ڍَڪَ جي متان "عزت ۽ ناموس" جا لفظ لکيل هئا، ۽ ٻيءَ جي متان "دولت ۽ خوشي". ٻئي چڱيون شيون هيون، تنهنڪري خيال ۾ نٿي اچي سگهيو، ته جوان ماڻهو انهن مان ڪهڙي پنهنجي لاءِ پسند ڪندا.

●

# باب اٺون

## عمر کي پنهنجو حق مليو

محلات ۾ پهچڻ کان پوءِ سلطان راڻيءَ کي گهرايو، ۽ جيڪي پاڻ ڪيو هئائين، ۽ جيڪي پريءَ چيو هوس، سو هن کي ٻڌايائين. راڻيءَ کي پوري اميد هئي ته جنهن کي هن خواب ۾

بہ پئي ڏنو، سو برابر سندس سچو پُٽ آهي، ۽ اهو پنهنجي صندوقڙي سجائي ڪٽندو.

سلطان اهي بيئي صندوقڙيون پنهنجي تخت جي اڳيان ٻن ميزن تي رکيون ۽ پوءِ ماڻهو موڪلي امير امراء سڀ گهرايائين. جڏهن سڀ پنهنجون جايون وٺي ويهي ويا، تڏهن "لبا خان" کي گهرايائين. هو ڏاڍي وڏائيءَ سان اتي آيو، ۽ تخت جي اڳيان گوڏا کوڙي چوڻ لڳو، تہ "ٻانهو حاضر آهي، بابي سائينءَ جو ڪهڙو حڪم آهي؟" سلطان چيو تہ "ابا، ڪي ماڻهو تا چون تہ تون منهنجو پٽ ناهين. هاڻ هنن ٻن صندوقڙين ۾ تنهنجي پٽ هئڻ جي ثابتي رکيل آهي. چونڊي هڪڙي کڻ. اميد آهي تہ تون سچائي اهائي صندوقڙي کڻندين."

"لبا خان" ڪجھ وقت تائين اهي صندوقڙيون ڏسي ڏسي، دل هٽي هٽي نيٺ چوڻ لڳو تہ "بابا سائين، اوهان جي راضي هئڻ کان وڏي ٻي ڪهڙي خوشي آهي، ۽ اوهان جي محبت کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي دولت آهي؟ آئون اها صندوقڙي تو کڻان، جنهن تي "دولت ۽ خوشي" لکيل آهي. سلطان چيس تہ "چڱو ابا، پاڻيهي ڏسنداسين. هاڻ تون ويهي رهہ." پوءِ "عمر" کي گهرايائين.

"عمر" آهستي آهستي غمگيني جي حالت ۾ اندر آيو. سيني کي هن جي حالت ۽ هن جي شڪل ڏسي رحم پئي آيو. هو بہ سلطان جي اڳيان دوزانو تي ويهي پڇڻ لڳو تہ "قبلا، ڪهڙو حڪم آهي؟" سلطان چيس تہ "هنن ٻن صندوقڙين مان هڪڙي چونڊي کڻ." ان موجب هو ميز تي وڃي صندوقڙيون ڏسڻ لڳو.

هن ڏاڍي خيال سان ڍڪن تي جيڪي لفظ لکيل هئا سي پڙهيا. پوءِ چوڻ لڳو ته ”گذريل تورن ڏينهن ۾، مون آزمودي سان معلوم ڪيو آهي ته دولت ۽ خوشي جتاءُ نٽيون ڪن، ۽ عزت ۽ ناموس هميشه جتاءُ ڪرڻ واريون آهن. ڪٽي جي مون کي پنهنجو حق يا شاهي درجو.نه ئي ملي، ته به آئون عزت ۽ ناموس جي لفظن واري صندوقڙي پسند ڪندس.“

پوءِ سلطان ”لبا خان“ کي چيو ته هاڻ تون پنهنجي صندوقڙي کٽي اَءُ.“ پوءِ پاٽي گهرائي، هٿ ڌوئي الهندي ڏي منهن ڪري چوڻ لڳو ته ”اي ڏٽي منهنجا! تون ورهين کان اسان جي خاندان کي پاڪ ۽ سچو رکندو آيو آهين. هاڻ به اسان جي نالي تي داغ نه آڻج. پنهنجي فضل سان اسان کي ڏيکارج ته منهنجو سچو پٽ ڪهڙو آهي.“

پوءِ وري تخت تي ويهي هنن ٻنهي دعويدارن کي چيائين ته ”هاڻ اوهين پنهنجي پنهنجي صندوقڙي پٽيو. اجا هنن ڍڪن کي هٿ لاتو ته صندوقڙيون پٽجي پيون. ”عمر“ واري صندوقڙيءَ ۾، هڪڙي ننڍڙي بخمل جي گادڙيءَ تي هڪڙو سونو چٽ رکيو هو، ۽ ”لبا خان“ واري صندوقڙيءَ ۾، سئي ۽ ڊيري رکي هئي.

سلطان اهو پاڻ وٽ گهرائي، ڏسي، اُهو ننڍو سونو چٽ ڪڍي ”عمر“ جي هٿ ۾ ڏنو. اوچتو اهو چٽ وڏي وڏي وڏي چٽ جيڏو ٿي پيو، جو سلطان کٽي ”عمر“ جي متي تي رکيو. هن گوڏا کوڙي سلطان جا هٿ چميا ۽ سلطان هن کي اُٿاري پنهنجي سڄي هٿ پاسي ويهاريو.

"لبا خان" جو هاڻ ڏاڍو شرمندو ٿي ويو هو، تنهن ڏي منهن ڪري چيائين تہ "خدا جي مرضي اها آهي تہ تون پنهنجي سڄي ڏاڍي واري ڏنڊي ۾ لڳو رهين. تون ڪنهن بہ مهرباني ۽ مروت جو لائق ناهين، مگر پنهنجي پٽ جي صدقي، آئون توکي ڪو نقصان نہ رسائيندس. هاڻ هڪدم تيار ٿي ۽ پنهنجي ڳوٺ روانو ٿيءُ."

ويچاري درزيءَ ڪڇيو پڇيو ڪين. شهزادي "عمر" اڳيان ماٿ ڪري ويهي هٿ ٻڌي چوڻ لڳو تہ "مهرباني ڪري مون کي معافي ڏي، جو مون توکي ايذاءُ پهچايو آهي." هن چيو تہ "آئون دوست ۽ دشمن سان ڀلائي ڪرڻ وارو آهيان. توکي معافي آهي." "عمر" کي بادشاهہ سڏي ڀاڪر وڌو ۽ پيار ڪيو. راڻيءَ بہ زياده محبت ڏيکاريس، ۽ سڀني اميرن وزيرن مبارڪبادي ڏنيس.

●

# باب نائون

## لبا خان موٽي سڪندريہ ڏي وڃي ٿو

ماڻهو اجا اُتي خوشيءَ ظاهر ڪرڻ ۾ مشغول هئا، تہ "لبا خان" پنهنجي صندوقڙي کڻي ڪسڪي اُتان نڪتو، ۽ سلطان جي طويلي ۾ وڃي، پنهنجي اصلوڪي گهوڙي "مروه" تي زين وجهي، چڙهي شهر مان نڪري "سڪندريہ" جو رستو ورتو، جيڪي تي گذريو هو، سو سڄو هن کي خواب وانگي نظر پئي

آيو. جي صندوقڙي وٺس نه هجي ها ته ڪڏهن به پڪ نه ٿئيس ها، ته اهي ڳالهيون سچ پچ ٿي گذريون آهن.

جڏهن هو "سڪندريه" ۾ پهتو، تڏهن سڌو پنهنجي اُستاد جي گهر ويو. گهوڙو ٻڌي دڪان ۾ گهڙيو ته سندس استاد پهرين ڪين سڃاتس، جو شاهاڻي پوشاڪ پئي هيس. هن ڀانئيو ته ڪو امير ڪپڙا سبائڻ لاءِ آيو آهي. پر جڏهن چتائي ڏٺائينس، تڏهن سڃاتائينس ته "لبا خان" آهي. پوءِ ته پاڻ ۾ ڀين دڪان وارن اچي ورايس، خوب مار ڏنائونس، گزن ئي گزن سان ڪُٽيائونس، ۽ سيون هنيائونس ۽ قينچي سان وڍ وڍائونس، جنهن ڪري هو ساڻو ٿي پراڻن ڪپڙن جي ڍير تي ڪِري پيو.

سندس استاد چوغي جي پچا ڪيس، جو هو چورائي ڪٽي ويو هو. "لبا خان" انهيءَ جي ملهه ڪان ٽيٽا پئسا ڏيڻ لاءِ تيار هو، ته به هنن سندس ڳالهه نه مڃي، ۽ مار ڏيئي دڪان مان ڪڍي ڇڏيائونس. لاچار ٿي پنهنجي ٿڪل گهوڙي تي چڙهي، هڪڙي پراڻيءَ مهمان سراءِ ۾ آيو، ۽ اچي آرام ورتائين. گذريون ڳالهيون ۽ گذريا ڏک ياد ڪري ارمان ڪيائين، ۽ اڳتي لاءِ پڪو ارادو ڪيائين ته ايماندار ٿي رهندس ۽ حق حلال جو پورهيو ڪري گذاريندس.

ٻئي ڏينهن، جيڪا صندوقڙي ملي هيس، سا وڃي وڪيائين. اُها سون جي هئي، هيرا ۽ موتي لڳل هئس، تنهن مان وڏي رقم هٿ آيس. پنهنجي لاءِ هڪڙو گهر خريد ڪيائين، ۽ انهيءَ جو هڪڙو پاسو دڪان ڪيائين، ۽ انهيءَ تي پنهنجو نالو "لبا خان

درزي" تلهن اکرن ۾ لکي ڇڏيائين، ۽ پوءِ جيڪو سئي ڏاڍو مليو هوس، تنهن سان ويهي ڪپڙا سبڻ لڳو.

تورو ڪم ڪري پوءِ ڪنهن ڪم لاءِ اٿيو، ته ڏسي ته سئي پاڻيهي پئي هلي ۽ ڪپڙو سبي. ڏاڍو عجب لڳس. وڌيڪ حيران ته تڏهن ٿيو، جڏهن ڏٺائين ته ڏاڍو ڪُٽيئي نتو. هن ڪي رڳو ڪپڙو وڍي وهٽڻو ٿي ٿيو، سبڻ جو ڪم سڀ انهيءَ جادوءَ جي سئي ڏاڍي پاڻيهي پئي ڪيو. انهيءَ ڪري "لبا خان" ڏاڍو خوش ٿيو. تمام گهڻو ڪم ملڻ لڳس، جو جلد پورو ڪري ٿي ڏنائين.

توري ئي عرصي ۾ هن جو نالو شهر ۾ پکڙجي ويو، ۽ تمام گهڻا گراهڪ وٽس اچڻ لڳا. ڪم عمدو ٿي ٿيو، تنهن ڪري سباٽي به گهري ٿي ورتائين. هميشه ڪم ڪرڻ مهل در بند ڪري ڇڏيندو هو، ته سندس سئي ڏاڍو پاڻيهي هلندو ڪو نه ڏسي. انهيءَ طرح صندوقڙيءَ تي جيڪي لفظ لکيل هئا سي سچا ٿيڻ لڳا. هن وٽ دولت به آئي ۽ خوشي به آئي. ۽ هو پاڻ کي انهيءَ چڱي نصيب جو لائق ڪرڻ لڳو.

جڏهن پڌڻ ۾ آيس ته شهزادو "عمر" تخت تي ويٺو آهي، ۽ سندس حڪومت مان سندس رعيت تمام خوش آهي، ۽ هن جي عدل ۽ انصاف جي هاڪ نڪتي آهي، تڏهن خيال ڪيائين ته آئون برابر عزت ۽ ناموس جو لائق نه هوس. منهنجي لاءِ اها دولت ۽ خوشي بس آهي، جا سئي ڏاڍي جي پورهيي مان ٿي حاصل ٿئي. انهيءَ وقت کان وٺي "لبا خان" ساري ڄمار سکيو پئي گذاريو، ۽ سڀ ڪنهن ڪيس مانُ پئي ڏنو.

●●

# باب پهريون

## خليفو کهنگ

## خليفو ۽ گهورڙيو

هڪڙي ڏينهن "بغداد" جو خليفو، جنهن جو نالو "رشيد" هو، سو پنهنجي مسند تي ويٺو هو. اڳينءَ جي محل هئي، ۽ خليفو ننڊ ڪري تازو تي ڪچهريءَ ۾ اچي ويٺو هو. هڪڙو وڏو حُقو سندس اڳيان رکيو هو، جنهن جو نڙ وات ۾ پيو هوس. ٻئي پاسي هڪڙي نوڪر قهوو پئي پياريس. هرروز اوڏيءَ محل خليفو ڪچهري ڪندو هو، ۽ ماڻهن جا عرض ۽ احوال ٻڌندو هو.

سندس وڏو وزير، جنهن جو نالو "منصور" هو، سو به اوڏيءَ محل ايندو هو. انهيءَ ڏينهن به آيو، ۽ سلام ڪري ادب سان ويهي رهيو. حال احوال پڇڻ تي وزير عرض ڪيو، ته "محلات جي اڳيان هڪڙو گهورڙيو بيٺل آهي، تنهن وٽ ڏاڍو مزي مزي جهڙو سامان وڪري لاءِ آهي. منهنجي دل چيو ته ڪي هن کان خريد ڪريان، پر امڪان آهي ته هن جون ڪي شيون حضور کي به پسند اچن."

تنهن تي خليفي حڪم ڏنو ته انهيءَ گهورڙيي کي وٺي اچو. سگهو ئي اهو آيو. هو بندرو ۽ سانورو ماڻهو هو. شڪل ڪوجهي هيس، ۽ ڪپڙا به ڦاٽل ٽٽل هئس، جنهنڪري پاڻ زياده بدشڪل ڏسڻ ۾ تي آيو. ساڻس هڪڙي پيتي هئي، جنهن ۾ قسمين

قسمين جون شيون پيون هيون، جهڙيءَ طرح ڪ موتي، مُنديون، دُرِ تپاچا، ڪپ، خنجر پياليون ۽ ڦٽيون وغيره. مطلب ته عام ڪم جهڙيون شيون وتس گهٽيون هيون.

سڀ سامان ڏسڻ ڪان پوءِ خليفي به تپاچا خريد ڪيا: هڪڙو پنهنجي لاءِ ٻيو وزير لاءِ. گهورڙيو پنهنجو سامان بند ڪرڻ تي هو، ته خليفي جي نظر هڪڙي خاني تي پيئي، جو هن نه ڏيکاريو هو. خليفي پڇيس ته "انهيءَ ۾ ڇا آهي؟" هن اهو خانو پٽي ڏيکاريو، ته انهيءَ مان هڪڙي دٻلي نڪتي، جنهن ۾ ناس جهڙي شيءِ پيئي هئي، ۽ انهيءَ سان گڏ هڪڙو ڪاغذ به هو، جو عجب اکرن ۾ لکيل هو، جي نڪي خليفو ۽ نڪي وزير پڙهي تي سگهيو.

گهورڙيي چيو ته "هڪڙي سوداگر اِها دٻلي ڪاغذ سميت مڪّي جي هڪڙي گهٽيءَ مان لڌي هئي، ۽ انهيءَ مون کي ڏني. خبر ناهي ته اها ڪهڙي قسم جي ناس آهي، مگر جي اوهين اها وٺندو ته آئون اوهان کي توري ملهه تي ڏيئي ڇڏيندس، جو اها منهنجي ڪم جي نه آهي، ۽ نه ڪنهن ٻئي انهيءَ جي وٺڻ جي ڪڏهن ڪا خواهش ڪئي آهي." تنهن تي خليفي اُها دٻلي به خريد ڪئي، ۽ پوءِ گهورڙيي کي موڪل ڏنائون.

خليفي "رشيد" گهڻي وقت تائين انهي ڪاغذ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پڙهي نه سگهيو. هن کي هميشه عجيب ڪتابن ۽ ڪاغذن گڏ ڪرڻ جو شوق هوندو هو، تنهنڪري اُهو ڪاغذ ورتو هئائين، ۽ مرضي هيس ته ڪنهن طرح انهيءَ جو

مطلب معلوم ڪجي. تڏهن وزير کان پڇيائين ته "ڪو ماڻهو سُجهيئي جنهن کي هي اکر پڙهڻ ۾ ايندا هجن؟" وزير عرض ڪيو ته "حضور جامع مسجد وٽ هڪڙو وڏو عالم رهي ٿو، جنهن جو نالو "سليم" آهي. اُهو گهڻيون ٻوليون ڄاڻندو آهي، ۽ ڏاڍو قابل آهي، شايد اُهو اهي اکر پڙهي سگهي!

●

# باب ٻيو

## خليفو کُهنگ تي پوي ٿو

خليفي انهي عالم کي گهرائي ورتو. جڏهن هو آيو، تڏهن خليفي چيس ته "اسان ٻڌو آهي ته تون تمام گهڻو پڙهيل ماڻهو آهين. جيڪڏهن هي ڪاغذ پڙهي ٻڌائيندين ته توکي سروپاءِ ڏيندس، ۽ هي نه پڙهي سگهئين ته پارهن مُکون ڪنڌ تي هڻبئي، ۽ پنجويهه لڪڻ پيرن جي ترين تي، ته وري پاڻ کي عالم نه سڏائين."

"سليم" ڪنڌ جهڪائي عرض ڪيو ته "جيڪا حضور جي مرضي!" پوءِ اُهو ڪاغذ وٺي ڏسي چيائين ته "قبلا، هي رُومي اکر آهن. هن ۾ جيڪي لکيل آهي تنهن جو ترجمو هي آهي: "جنهن کي هيءُ ملي، سو پاڻ کي نصيب وارو سمجهي. جيڪو هن دٻليءَ واري ناس جي هڪڙي چپٽي ڏيندو ۽ پوءِ چوندو ته "معتبر"، ته هڪدم جنهن جانور يا پکيءَ ٿيڻ جي مرضي

هونديس، سو تي پوندو ۽ پوءِ جانورن جون ٻوليون ٻہ سمجهي سگهندو. وري جڏهن ڦري ماڻهو ٿيڻ گهري، تڏهن اُيرندي ڏي منهن ڪري ٽي ڀيرا ڪنڌ جهڪائي، ساڳيو لفظ وري چوي. پر اها خبرداري رکڻ گهرجيس تہ بدليل حالت ۾ کِلي نہ، نہ تہ اهو لفظ وسري ويندس، ۽ عمر لاءِ اهو جانور يا پکي ٿي رهندو."

هي ٻڌي خليفو ڏاڍو خوش ٿيو. "سليم" کي خلعت انعام ڏيئي روانو ڪيائين، ۽ تاڪيد ڪيائينس تہ انهيءَ ڪاغذ جي ٻئي ڪنهن سان ڳالهہ نہ ڪري. پوءِ وزير کي چيائين تہ "پاڻ اڄ ڏاڍو چڱو سودو ڪيو آهي. انهيءَ ڪري آئون ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. هاڻ سڀاڻي صبح جو مون سان هلجئين.تہ ٻاهر ٻنين ۾ گهمڻ هلون. پوءِ ناس جي چپٽي ڏيئي، جانورن ۽ پکين جون ٻوليون ٻيهي ٻڌنداسين تہ ڇا ٿا چون."

ٻئي ڏينهن صبح جو، خليفو ناشتو ڪري سنبري وينو تہ وزير آيو. ڏہلي ڪمر ۾ وجهي، اميرن ۽ نوڪرن کي ڪم ڪار جو سمجهائي، خليفو ۽ وزير نڪري شهر کان ٻاهر ٿيا. باغن منجهان گهمندا، هڪڙيءَ ڍنڍ جي ڪناري تي آيا. اتي هڪڙو ڪُهنگ ڏٺائون. جنهن پاڻيءَ ۾ ڏيڏرن ۽ مڇين مارڻ لاءِ ٻئي پنڌ ڪيو. ايتري ۾ متان هڪڙو ٻيو ڪُهنگ بہ اُڏامي اچي لهڻ تي هو. وزير چيو تہ "هي ٻہ ڍِگهين ٽنگن وارا پکي ضرور پاڻ ۾ ڳالهائيندا. اچو تہ ڦِري ڪُهنگ تي هنن جون ٻوليون ٻڌون."

خليفي کي اها ڳالهہ وڻي. پهرين جيڪي چوٽو هو ۽ جيڪي ڪرٽو هو، سو وري بہ ياد ڪري، ۽ نہ کلڻ جو تاڪيد دل تي

رکي، خليفي دبلي ڪيدي ناس جي وڏي چپٽي پري، وزير کي ڏني ۽ هن به چپٽي ڪنئي. پوءِ ٻنهي گڏجي ناس ڏني ۽ "معتبر" چيائون ته هڪدم ڪُھنگ تي پيا. ٽنگون بدلجي سنهيون ڳاڙهيون ٿي پيون، پيَلين جُتين مان بدلجي پير ٿي پيِن، ٻانهن مان پَرَ ٿي پيِن ۽ ڳچيون وڏي ڊگهيون ٿي پيِن، ۽ ڏاڙهيون گم ٿي وين، ۽ سندن سچو بت ڪنين سان پرجي پيو.

●

# باب ٽيون

## جادوءَ جو لفظ وسري ٿو وڃين

هڪ ٻئي کي ڏسي خليفو ۽ وزير خوش ٿيا، ۽ هڪ ٻئي جون چهنبون ۽ ٽنگون، پيا عضوا ڏسي چرچو ڪرڻ لڳا. پوءِ وڃي هنن ٻن ڪھنگن کي ويجها ٿيا ته هو هن طرح پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳا. هڪڙي چيو ته "ادا، سلام ٿئي، اڄ سويرو شڪار تي نڪتو آهين؟" ٻئي ورندي ڏني ته"هائو، البت بک لڳي هيم، ناشتو گهربل هو."

هن چيو ته "ڏيڏر جي ٽنگ يا ڪُرڙيءَ جو ٽُڪر گهرجئي ته حاضر آهي؟" هن چيو ته "مهرباني اوهان جي." پوءِ هيڏي هوڏي ڏيڏريون ۽ مَڇيون ڪائي هنن چيو ته "هاڻ اچو ته ڍنڍ جي ڪناري تي ناچ وجهون." ائين چئي ٻيئي اچي ڊوڙڻ ۽ نچڻ لڳا، ۽ ڏاڍو تماشو ڪٽي ڪيائون. ڪڏهن هڪڙيءَ ٽنگ تي تي بيٺا، ۽

ڪڏهن ڇهنبون ڪولي ٺهڪ تي ڏنائون. هنن کي ڏسي خليفو ۽ وزير به ڇهنبون پٽي ڪلڻ لڳا.

اوچتو پهرين وزير کي ياد پيو ته "اسان کي کِلڻ نه گهربو هو." خليفي کي به ياد ڏياريائين. چيائين ته "پاڻ چُڪ ڪئي. هاڻ مون کي اهو جادوءِ وارو لفظ وسري ويو آهي. اوهان کي ڪي ياد آهي؟" خليفي چيو ته "هائو. اُيرندي ڏي مُنهن ڪري، ٽي ڀيرا ڪنڌ جهڪائي "مُر مُر مُر" ڪرڻو تيندو." پوءِ ائين ڪيائون، ۽ ڇهنبون زمين سان لڳائي مٿا هنيائون، پر اهو لفظ ياد نه پين، رڳو مُر مُر مُر پئي ڪيائون.

ويچارا ڪهنگ تيو وتيا گاهه تي گهمندا، رُلندا. سُجهُين نٿي ته ڇا ڪريون. جي شهر ۾ وڃن ته ڪنهن کي ويساهه ايندو ته هي ڪهنگ "بغداد" جو خليفو "رشيد" ۽ سندس وڏو وزير "منصور" آهن! پر جي ڪٽي وسهن به، ته ڪير چوندو ته ڪهنگ پکي اسان جو بادشاهه ٿئي، ۽ اسان تي حڪم هلائي!

انهيءَ طرح ڪيترائي ڏينهن هو پئي رُليا، ۽ جهنگلي ميون تي گذران پئي ڪيائون، جو ڪِرڙيون ۽ ڏيڏريون هنن کي نٿي وڻيون. رڳو سو هڪڙو مزو هونِ، جو اُڏامي سگهندا هئا، ۽ "بغداد" جي وڏين عمارتن جي چوٽين تي وڃي ويهندا هئا، ۽ هيٺ شهر جو تماشو وينا ڏسندا هئا. پهريان ڏينهن شهر جي ماڻهن کي ملول ۽ اُباڻڪو تي ڏنائون، پر پوءِ چوٽين ڏينهن محلات جي چوٽيءَ تي ويٺي، هيٺ هڪڙو عجيب تماشو ڏٺائون.

دهل ۽ شرنايون پئي وڳيون، ۽ ماڻهو گهوڙهه ڪيو گهٽين مان

پئي هليا. وچ ۾ هڪڙو شخص عمدن زريءَ لڳل ڪپڙن ۾ گهوڙي تي چڙهيل هو، ۽ گهڻائي امير ماڻهو سندس آسپاس هئا، جهنڊا به ساڻن هئا. ماڻهن نعرا هنيو پئي چيو ته "اسان جو نئون خليفو "نصير" شل سلامت رهي!"

هنن ٻن کهنگن اهو تماشو ٻيٺي ڏٺو. خليفي "رشيد" وزير کي چيو ته "وزيرا ڪي سمجهين تو ته چو اسين کهنگ تي پيا آهيون؟" هي "نصير منهنجي جاني دشمن "ڪُشنور" جو وڏو پٽ آهي، جو وڏو جادوگر آهي، ۽ هڪڙي پيري ڪاوڙ ۾ قسم کنيو هئائين ته مون کي نقصان پهچائيندو. هي سڀ انهيءَ جو ڪم آهي. هاڻ اُڏام ته "مديني" ڏي هلون، ۽ حضرت پيغمبر جي روضي جي زيارت ڪريون، ۽ دعا گهرون ته اسان جي مٿان هيءَ ملامت ٽري."

●

# باب چوٿون

## هڪڙي ويراني ۾

اسان جا ٻيئي کهنگ "مديني" ڏانهن اُڏامڻ لڳا، پر اُڏامڻ جي گهڻي استعمال کانه هُئِن، تنهن ڪري چڱو نه اُڏامي سگهيا. ٻن ڪلاڪن کان پوءِ وزير ٿڪجي پيو، ۽ رات به مٿان اچي پيئي. خليفي کي عرض ڪيائين ته "هاڻ آئون اُڏامي نٿو سگهان، بهتر آهي ته هتي رهي پئون ۽ رات گذاريون. هيٺان کو

قِتل شهر تو ڏسجي، اُتي لِڪا پيا هونداسون.“
اهو هڪڙو قديم ۽ ويران قلعو هو، جنهن جون قِتل ۽ ڀڳل پتيون اجا بيٺيون هيون. اتي ڪا جاءِ صفا ڏسي لهي پيا. توري وقت ڪان پوءِ وزير چيو ته ”سائين، مون کي ڪو ڏک جو آواز ڪن تي پوي تو. ڪو ڏکويل شايد پيو تڏا ساهه کٽي ۽ ڪنجهي.“ خليفي به بيهي ڪن ڏيئي ٻڌو ته برابر ڪنهن ماڻهو جو آواز هو. خليفو هڪدم انهيءَ پاسي ڏي سماءَ لاءِ تي ويو، پر وزير ڇهنب سان ڪنيڙاتي مان وٺي جهليس. پر خليفو رهيو ڪين، پاڻ ڇڏائي انهيءَ پاسي ڏي ويو.
هڪڙي در وٽ آيو، جو بيڪڙيل هو. انهيءَ جي اندران اهو ڏک جو آواز پئي آيو. هن ڇهنب سان اهو زور ڪري کوليو. ڏٺائين ته هڪڙي سُنجيءَ جاءِ جي ڪنڊ ۾، هڪڙي وڏي چِٻ ويٺي آهي، ۽ ٻيا ڪي ٻکي هيڏي هوڏي سڃين جاين ۾ پيا اُڏامن. انهيءَ چِٻ جي اکين مان ڳوڙها پئي وهيا، ۽ سندس ڇهنب مان تڏا ساهه ۽ ڏک جا آواز پئي نڪتا.
جڏهن خليفو اتي پهتو، تڏهن وزير به پنيانئس آيو. ٻنهي کي ڏسي چِٻ خوشيءَ جي ٻولي ڪئي، ۽ ڪنين سان اکيون اُگهي، صاف عربي ٻوليءَ ۾ چوڻ لڳي ته ”مهربان ڪهنگؤ، اوهين ڀلي ڪري آيؤ. آئون اوهان کي ڏسي ڏاڍي خوش تي آهيان اوهان جو اچڻ سياڳو آهي، جو مون کي اڳيئي چيو هئائون ته ڪهنگن جي معرفت مون کي سياڳ لڳندو ۽ نياڳ ويندو.
چِٻ کي عربي ڳالهائيندو ڏسي هي حيران تي ويا. خليفو

ادب سان سلام ڪري چوڻ لڳو ته "مائي چپ، معلوم ٿو ٿئي ته تون به اسان جهڙو انسان آهين، ۽ ڪنهن مصيبت ۾ ڦاٿل آهين. پر افسوس ته اسين توکي ڪا مدد ڏيئي نٿا سگهون. جڏهن اسان جي حال جي خبر پونديئه، تڏهن پاڻهي ڄاڻندينءِ ته اسان لاچار آهيون، ۽ پاڻ تو وانگي مصيبت ۾ گرفتار آهيون." پوءِ چپ کي سارو حال ڪري ٻڌايائين.

جڏهن خليفي پنهنجو قصو پورو ڪيو، تڏهن چپ چيو، ته "اوهان جو احوال به عجيب آهي، پر هاڻ منهنجو احوال به ٻڌو، جنهن مان اوهان کي معلوم ٿيندو ته آئون به اهڙي ڪم نصيب آهيان جهڙا اوهين آهيو. منهنجو پيءُ مشرقي پيٽن جو بادشاهه آهي، ۽ مون کان سواءِ ٻيو هنجو اولاد ڪونهي. منهنجو نالو "لوسا" آهي. جنهن بدمعاش جادوگر اوهان کي ڦيرائي کهنگ ڪيو آهي، تنهن مون کي به ڦيرائي چپ ڪيو آهي.

"هڪڙي ڏينهن هو منهنجي پيءُ وٽ آيو، ۽ پنهنجي پٽ لاءِ منهنجي پاڻهن گهريائين. بابو ڏاڍو ڪاوڙيو، تنهن هن کي اهڙو ڏکو ڏنو، جو هو ڏاڪڻ تان هيٺ ڪري پيو. پوءِ هو هليو ويو، مگر چوندو ويو ته آئون ضرور انهيءَ جو وير وٺندس. ان کان پوءِ هڪڙي ڏينهن، آئون باغ ۾ پئي گهميس ته هو پنهنجي شڪل ڦيرائي منهنجو هڪڙو نوڪر ٿي مون وٽ آيو. هن کي نوڪر ڄاڻي چيومانس ته "قهوو جي پيالي آڻي ڏي." هو وڃي هڪڙي پيالي کڻي آيو، مگر انهيءَ ۾ ڪا شيءِ وجهي آيو، پيئڻ سان آئون چپ ٿي پيس.

”پانئيان تي تہ آئون بيهوش تي ويئي هيس، چا لاءِ جو مون کي رڳو ايترو ياد آهي تہ هن مون کي هن سج ۾ آٽي چڙيو، ۽ منهنجي ڪن ۾ وڏي آواز سان چيائين تہ ”نياڳي، هاڻي سڄي عمر هتي گذارڻو تينديءِ. جيسين پيو ڪو تو جهڙو توکي اچي پنهنجي زال ڪندو. آئون تو کان ۽ تنهنجي مغرور پيءُ کان اجهو انهيءَ طرح وير تو وٺان!“

”انهيءَ کي ڪي مهينا تيا آهن جو آئون هن حال ۾ هتي پيئي گذاريان. سيڪو ماڻهو ۽ سيڪو جانور يا پکي مون کان گوشو تو ڪري. تنهن ڪانسواءِ ڏينهن جو آئون انڌي تيو پيئي گذاريان، ۽ رات جو جڏهن چنڊ ايري تو، تڏهن آئون ڪي ڏسي سگهان تي.“ اها ڳالهہ پوري ڪري چپ وري بہ روئي ڪنين سان اکيون اُگهيون.

●

# باب پنجون

## جادوءَ جو لفظ وري ٻڌن تا

چپ جي ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ خليفي چيو تہ ”بيشڪ تنهنجي ڳالهہ بہ اسان جي ڳالهہ جهڙي ڏک واري آهي. پر هاڻ چا ڪريون جو هن مصيبت مان ڇٽون؟“ چپ چيو تہ مون کي ياد تو اچي تہ آئون جڏهن ننڍي هيس، تڏهن هڪڙي ڪراڙي ڏاهيءَ زال، منهنجو هٿ ڏسي مون کي چيو هو تہ هڪڙي ڪهنگ مان

توکي چگو نصيب لڳندو. هاڻ مون کي هڪڙو رستو سجهي ٿو، جنهن سان پاڻ ٽيئي چتي سگهنداسين." هي ٻڌي خليفو ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ پڇيائينس ته "پلائي ڪري ٻڌاءِ ته اهو ڪهڙو رستو آهي؟" هن چيو ته "جنهن بدمعاش اسان تي هيءَ مصيبت وڌي آهي سو مهيني ۾ هڪڙو ڀيرو هن ويراني ۾ ايندو آهي، ۽ ڪي ٻيا پاڻ جهڙا بدمعاش به ساڻ آڻيندو آهي، ۽ اهي هت مجلس ڪري پاڻ ۾ صحبت ڪندا آهن. اهڙي وقت تي هلي پاسي ۾ ويهون، من اهو وسريل لفظ ٻڌي وٺون."

خليفي کي اها ڳالهه پسند آئي. پڇيائينس ته "ڪڏهن اهي اچڻا آهن، ۽ ڪهڙي هنڌ اچي ويهندا آهن؟" چپ خيال ڪري چيو ته "اها ڳالهه اوهان کي آئون هڪڙي شرط تي ٻڌائيندس، اهو هي آهي ته جڏهن سيئي ڦري ماڻهو ٿيون، تڏهن اوهان مان هڪڙو مون سان شادي ڪندو؟"

اهو ٻڌي خليفي کي البت فڪر ٿيڻ لڳو. وزير کي پاسي تي نيئي چيائين ته "وزير، ڪيئن ٿو ڀانئين، تون ساڻس شادي ڪندين؟ من ائين ڪرڻ سان چتي پئون." وزير چيو ته "حضور، ائين ڪيئن ٿيندو؟ آئون اڳي ئي پرڻيل آهيان. تنهن کان سواءِ آئون پير مرد آهيان. حضور وري به جوان مڙس آهي، ۽ اجا پرڻيل نه آهي هيءَ جوان ۽ خوبصورت شهزادي هوندي، تنهن سان حضور شادي ڪئي ته حرڪت ڪانهي."

مطلب ته هنن پاڻ ۾ انهيءَ ڳالهه بابت گهڻو بحث مباحثو ڪيو. آخر جڏهن خليفي ڏٺو ته وزير ڪهنگ تي رهڻ پسند ڪري

تو، پر چپ سان شادي ڪرڻ پسند نتو ڪري، تڏهن لاچار پاڻ قبول ڪيائين تہ آئون هن سان شادي ڪندس. پوءِ هلي چپ جي اڳيان بہ اها ڳالهہ قبول ڪيائين، جنهن تي هوءِ خوش ٿي ۽ چوڻ لڳي تہ "اوهين ڏاڍا نصيب وارا آهيو، جو هو اڄ ئي رات جو هتي اچڻو آهي. هلو تہ اوهان کي هلي اهو سندس محفل جو هنڌ ڏيکاريان."

چپ پنهنجن ٻن سنگتين کي وٺي هلي، سُجين جاين مان لنگهي هڪڙي هنڌ آئي، جتي هڪڙو پراڻو صفو ڏسڻ ۾ آيو. انهيءَ ۾ ويهڻ جو سامان پيو هو، غاليچا وڇايل هئا. منجهس بتيون پئي ٻريون. انهيءَ صفي جي پٽ ۾ هڪڙو چير هو، جنهن جي پنيان هو اچي لڪي ويٺا. انهيءَ چير مان هو اندر صفي ۾ چڱيءَ طرح ڏسي ٿي سگهيا، ۽ جيڪي اتي ڳالهائڻ ۾ آيو، سو بہ ٻڌي ٿي سگهيا.

هنن صفي ۾ اَٺ ماڻهو ڏٺا، جي گادين تي ويٺا هئا، ۽ سندن اڳيان ڪاڏي جون شيون رکيون هيون. انهن ماڻهن مان هڪڙو خليفي ۽ وزير هڪدم سڃاتو تہ اهو گهورڙيو هو، جنهن ناس جي دبلي وڪٽي ڏني هين. گهٽي تائين اتي بيٺا، پر جنهن لفظ جي ڳُٽتي هين، سو ڪونہ ٻڌائون.

ائين ڪندي اوچتو هڪڙي شخص انهيءَ گهورڙيي ڪان پڇيو، تہ "تو ڪهڙا ڪم پئي ڪيا آهن، سي تہ ٻڌاءِ؟" تنهن تي هو پنهنجا گهٽائي ڪم ٻڌائي ويو. انهن مان هڪڙي ڳالهہ خليفي ۽ وزير جي بہ ڪيائين جنهن ۾ هن جي صورت بدلجي

ڪهنگن جي ٿي. هن شخص پڇيس ته ڪهڙو لفظ تو هنن کي ڏنو هو؟" هن چيو ته "معتبر".

انهيءَ لفظ ٻڌڻ شرط ڪهنگ ڏاڍا خوش ٿيا. هڪدم ڊوڙي نڪري پري ٿيا. چپ مس انهن کي ڊوڙ ۾ پڄي ٿي سگهي. جڏهن پري ويا تڏهن خليفي چپ کي چيو ته "تو منهنجي ۽ وزير جي حياتي بچائي آهي. انهيءَ جي عيوض ۾ آئون تو سان گهڻي خوشيءَ سان شادي ڪندس ۽ پوءِ هميشه تائين خوش پيا رهنداسين."

انهيءَ مهل هو سپ ايرندي ڏي منهن ڪري بيٺا. ڪهنگن ٽي دفعا ڪنڌ جهڪائي چيو ته "معتبر"، ته هڪدم ماڻهو ٿي پيا. اهڙا خوش ٿيا، جو پنهنجو درجو وساري هڪٻئي کي ڀاڪر پائڻ لڳا، ۽ کلي ڏوءِ ڪيائون. انهيءَ وچ ۾ چپ به بدلجي اصلوڪي شهزادي ٿي پيئي. انهيءَ کي ڏسي خليفو مست ٿي پيو. چوڻ لڳو ته "چڱو ٿيو جو آئون ڪهنگ ٿيس، جو انهيءَ ڪري نصيب زور ٿيو، ۽ تو جهڙي خوبصورت زال مون کي ملي!"

●

# باب ڇهون

## بدمعاش جادوگر کي جوڳي سزا ٿي ملي

ٽيئي ڄڻا "بغداد" ڏي هليا. خليفي وٽ ناس جي دٻليءَ کان سواءِ، ڪي پئسا به ڪيسي ۾ هئا. ويجهي ڳوٺ مان جيڪا شيءِ

گهربل هُين سا ونيِ، چڱي حال ۾ تي شهر جي دروازي تائين آيا. ماڻهو پنهنجي اڳوڻي خليفي کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا، جو هنن ڄاتو تہ هو مري ويو.

جڏهن هنن جي ساري ڳالهہ ٻڌائون تڏهن هن ڪوڙي خليفي "نصير" تي ڏاڍا ڪاوڙيا. ڪاهي محلات تي آيا، ۽ انهيءَ کي ٻيءَ سوڌو ڪٺي قيد ڪيائون. انهيءَ ٻڍي جادوگر کي خليفي جي حڪم سان انهيءَ ساڳئي هنڌ وچي قاسي ڏنائون، جتي سُخي شهر ۾ هو محفل ڪندو هو، ۽ جتي هوءَ شهزادي چٻ جي صورتِ ۾ رهندي هئي.

سندس پٽ "نصير" کي اها خبر نہ هئي تہ پٽس جادوگر آهي، تنهنڪري خليفي هن کي چيو تہ "ٻن سزائن مان توکي جا وڻي، سا قبول ڪر: يا موت قبول ڪر، يا هن ناس جي چپٽي ڏي. هن ناس پسند ڪئي. هن وڏي چپٽي پري ڏني ۽ خليفي چيو تہ "معتبر" تہ هو هڪدم ڪهنگ ٿي پيو. خليفي ڪٺي هڪڙي لوهہ جي پڃري ۾ بند ڪرايس، ۽ پنهنجي باغ ۾ رکائي ڇڏيائينس.

●✶●